ڊاڪٽر حاڪم علي ٻرڙو

# شيخ اياز جي ڪهاڻين جو تحقيقي اڀياس
# An-analytical Study of Short Stories of Shaikh Ayaz

***Abstract:***

*Sheikh Ayaz was a prominent name in modern Sindhi literature. Sheikh Ayaz is famous for his poetry, but he is also a great short story writer. The themes of Sheikh Ayaz's stories are based on earthly realities. He raises his voice against the cruelty and exploitation of the upper class of society. The short stories of Sheikh Ayaz present modernity and progressivism. He started to write short stories at an early age, and as he focused on stories, he became a great fiction writer.*

*In this research article, an attempt has been made to explore the themes and techniques of Sheikh Ayaz's short stories.*

شيخ اياز ولد غلام حسين شيخ 2 مارچ 1923ع ۾ شڪارپور شهر ۾ ڄائو ۽ 28 ڊسمبر 1997ع ۾ گذاري ويو. سندس وصيت مطابق ڪيس ڀٽ شاھ ۾ ڪراڙ ڍنڍ وٽ مٽيءَ ماءُ حوالي ڪيو ويو. شيخ اياز جون ادبي خدمتون سدائين ياد رکيون وينديون. سندس ڪهاڻين جا مجموعا ”سفيد وحشي 1947ع“ ۽ ”پنهل کان پوءِ _ سيپٽمبر 1954ع“ مشهور ۽ مقبول مجموعا شايع ٿي چڪا هئا. اياز هڪ ڪامياب افسانہ نگار آهي. هن جي هڪ تصنيف ”سفيد وحشي“ گهڻو اڳ شايع ٿي چڪي هئي، جنهن ۾ تازا هڪ ٻہ افسانہ ملائي“پنهل ڪان پوءِ“ جي نالي سان حبيب پبليڪيشن شايع ڪيو آهي. اهي ٻئي ڪتاب نيو فيلڊس پبليڪيشن، شيخ اياز جا ٻہ گڏيل ڪهاڻين جا ڪتاب“پنهل ڪان پوءِ“ ۽“جڳ مڙيوئي سپنو“ پهريون ايڊيشن فيبروري 1990ع ۾ شايع ٿيو. تنهن کان پوءِ وري ”جي تند برابر توريان“ ڪهاڻين جو مجموعو اٿس، جنهن جي ترتيب ڊاڪٽر انور فگار هڪڙو 1998ع ۾ ڪئي.

شيخ اياز جي بنيادي سڃاڻپ شاعري آهي، پر اياز شروعاتي دؤر ۾ سنڌي ڪهاڻيءَ تي بہ طبع آزمائي ڪئي.

جديد سنڌي افساني تي جڏهن نظرون وجهنداسين تہ شيخ اياز جي افسانن جي فڪر ڪان بغير اڻپورو احوال ٿيندو. اياز ورهاڱي واري دور جي سڀني ڪهاڻيڪارن ۾ نمايان ڪاڻيڪار آهي. هڪ طرف انگريز سامراج پنهنجا ٽپڙ

---

• اسسٽنٽ پروفيسر، علامہ اقبال اوپن يونيورسٽي، اسلام آباد

ويڙهي رهيو هو، ته ٻئي طرف شاهوڪار شاهيءَ جي نئين اڀرندڙ سامراجيت وطن جي سرزمين تي پنهنجا مضبوط چنبا کوڙڻ جي تياري ڪري رهي هئي. ان وقت جا ذهني رجحان ۽ تحريڪون سيئي شيخ اياز جي ڪهاڻين ۾ نمايان نظر اچن ٿيون. ڊاڪٽر غفور ميمڻ جن لکن ٿا ته:

"شيخ اياز سنڌ جي فڪري سلسلي سان لاڳاپن کان سواءِ نٿو رهي سگهي. اياز جي ڪهاڻي سفيد وحشي يادگار ڪهاڻين مان آهي، هيءَ غلامي جي دور جي ڪهاڻي آهي. جڏهن ڌرتي تي گورن جو راڄ هو. هي ڪهاڻي انگريزن خلاف نفرت جو اظهار آهي جنهن ۾ هڪ ڪردار صديق چو ٿو ته "هي انگريز! هي گورا صاحب هي آفيسر سڀ سفيد وحشي! اسان جي زندگي، غيرت، محبت جا خوني سفيد وحشي."(1)

اياز جا افسانا ڪجھ ورهاڱي کان اڳ جا ڇپيل آهن ۽ ڪجھ وري پوءِ جا آهن. اياز ٻه سنڌي سماج جي پنهنجي افسانن ۾ ڀرپور نموني سان عڪاسي ڪئي آهي. سندس اڪثر افسانا پيار، محبت جي موضوعن تي آهن، ته ڪجھ سياسي ۽ سماجي مسئلن تي پڻ آهن. اياز جو انداز بيان ڏاڍو شاندار آهي. سندس تحرير جو انداز شاعراڻو آهي. ڇاڪاڻ ته اياز بنيادي طرح سان شاعر آهي. اياز سنڌي سماج جي ڪيترن مسئلن ۽ مونجهارن کي فنائتي نموني سان پيش ڪيو آهي. ٻيو ته اياز سنڌ ۾ ترقي پسند ادب جي باني مان پڻ آهي. ان ڪري سندس تحريرن ۾ ترقي پسندي نمايان نظر اچي ٿي. اياز سماج جي ڪيترن ئي مروج دقيانوسي خيالن کي رد ڪيو آهي ۽ سماج ۾ نئين سوچ پيدا ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي آهي. شيخ اياز پنهنجي لکڻي متعلق لکي ٿو ته:"17/16 ورهين جي عمر ۾ ڪهاڻيون ٻه لکڻ شروع ڪيون، جن جو پهريون مجموعو "سفيد وحشيءَ" جي نالي سان ورهاڱي کان اڳ ڇپيو. منهنجي ڪهاڻي "پاڙيسري" ورهاڱي کان ٿورو وقت اڳ "اسان جي سنڌ" نالي ڪتاب ۾ ڇپي هئي".(2)

اياز جون تخليقي ادب فوھ جوانيءَ واري عمر ۾ عيان ٿئي ٿو هون ٻه سڄاڻ ۽ باشعور ليکن جون تخليقون پنهنجي دور جون تاريخ هونديون آهن ۽ اهائي لکڻي هر دور ۾ زنده رهي سگهي ٿي.

شيخ اياز بنيادي طور تي هڪ تمام وڏو شاعر هو، هن سنڌي ادب ۾ ڊراما نويسي، آتم ڪهاڻي، ڊائريءَ جا ورق ۽ افسانا لکيا آهن. "پنهل کان پوءِ" ۾ هن پاڻي سِر تي چڙهي وڃڻ کان پوءِ پيدا ٿيل پيڙا وڏي درديلي انداز ۾ بيان ڪئي آهي. شيخ اياز جيڪڏهن مسلسل ڪهاڻيون لکي ها، ته سندس نالو اول درجي جي ڪهاڻيڪارن ۾ شامل ٿئي ها. ان حوالي سان ڊاڪٽر عبدالجبار جوڻيجو لکي ٿو

تہ:“ اياز جون ڪھاڻيون ُان وقت جي مسئلن ۽ سوچ جي پسمنظر ۾ آهن. هو ڪھاڻيڪاري قائم نہ رکي سگھيو. جي ائين ڪري ها تہ هو پھرين ڪھاڻيڪار ليکيو وڃي ها“.(3)

شيخ اياز جو مطالعو تمام گھرو هو ۽ هو هڪ انسان دوست ليکڪ هو سندس لکڻين ۾ ترقي پسندي نظر اچي ٿي. جنھن حوالي سان پروفيسر قاضي خادم لکي ٿو تہ:

”شيخ اياز جي ڪھاڻين تي نظر وجھڻ سان معلوم ٿئي ٿو، تہ هو شروع کان وٺي هڪ آدرشي انسان رهيو آهي. نہ فقط ايترو، پر هن جو مطالعو ايترو وسيع هو جو، هن پنھنجي ڪھاڻين کي بہ ادب جي مروج وصفن پٽاندڙ ئي لکيو هو. تڏهن تہ هو پنھنجي ڪھاڻين، ڪارو رنگ ۽ شرابي کي Surrealistic ٿو ڪوٺي ٿو. شيخ اياز سنڌ جي جديد افسانو نگاري جو باني آهي. هن جي افسانن ۾ خالص سنڌي زبان ۽ پنھنجي دور جي پوري عڪاسي موجود آهي. جيئن تہ موجوده دور ۾ افسانن هڪ الڳ انداز اختيار ڪيو آهي. ليڪن مقصد ۽ فڪر جي لحاظ کان اياز جي افسانن اهو ثابت ڪيو آهي تہ انگريزن جي تسلط جي زماني کان سنڌ جي بيباڪ اديبن پنھنجي ضمير سان انقلابي ادب تخليق ڪيو آهي.“(4)

ڊاڪٽر انور فگار هڪڙو جن لکن ٿا تہ:

”شيخ اياز 19 سالن جي عمر ۾ افسانا لکيا، هن جا پھريان افسانا ماهوار سنڌو ۾ شامل ٿيا هئا. هن جو پھريون افسانو ”سھڻي سير ۾“ جي عنوان سان سيپٽمبر 1942ع ۾ سنڌو ۾ شائع ٿيو هو. ٻيو افسانو ”هڪ شمع بہ پروانا“ جي عنوان سان سنڌو ڊسمبر 1942ع جي شماري ۾ شائع ٿيو. هي افسانو تمام گھڻو مقبول ٿيو. اهڙي طرح ٽيون افسانو ”ٻروچڪي رت“ سنڌو جي جنوري جي پرچي ۾ شائع ٿيو، اهڙي طرح هو پنھنجي ”ماهوار“ رسالي اڳتي قدم ۾ بہ افسانا لکندا هئا.“(5)

جئين تہ 1932ع ۾ ماهوار ”سنڌو“ شڪارپور مان جاري ٿيو، جنھن افساني جي ترقي ۾ اهم ڪردار ادا ڪيو، هن رسالي ۾ ان وقت سنڌ جي اهم اديبن جون بھترين ڪھاڻيون ڇپيون جنھن ۾ شيخ ايازپڻ شامل آهي.

”سفيد وحشي“ ۾ شيخ اياز انگريزن جي هتان وڃڻ جي ڳالھ ڪري ٿو ۽ اسان سڀ گڏجي اڳتي وڌي سگھون ٿا. ان ڪري الڳ الڳ ٿيڻ کان بھتر آهي تہ پاڻ ۾ سڀ هڪ ٿي وڃون ۽ پنھنجن ديس واسين هندن کي پنھنجو ديس نہ ڇڏڻ جي ڳالھ بہ ڪري ٿو تہ گڏوگڏ سماج جي اڻبرابريءَ تي بہ تکي نظر رکي ٿو. جنھن لاءِ شيخ اياز پاڻ لکي ٿو تہ:“جنگ کان پوءِ سنڌي جنتا جي جاڳرتا جو نظارو مون ”سفيد وحشي“ ۾ ڪيو آهي. عوام سياسي معاملن ۽ مونجھارن مان نہ جاڻي. هنن جي

سمجھ سڌي سنئين آهي تہ اسان جي پيٽ تي لت اچي رهي آهي، لچ لٿجي رهي آهي. ان سادي پر سخت بغاوتي احساس جي تصوير آهي“.(6)

جامي چانڊيو ايا لاءِ لکي ٿو:

”اياز جي انسان دوستي ڪا خلا ۾ لڙڪيل شيءِ نہ آهي ۽ نہ ئي اها ڪا غير مرئي شيءِ آهي، جنھنجو ٺوس بنياد نہ هجي ”اياز“ جي انسان دوستيءَ جو تصور متحرڪ تصور آهي. سندس انسان دوستي ڌرتيءَ جي ناتي سان واڳيل آهي، اياز انسان دوستيءَ جي حوالي سان جڏهن بہ ڳالھ ڪري ٿو تہ اها خاص ڌرتيءَ آهي. ان مان اهو هرو ڀرو اهو سمجھڻ نہ گھرجي تہ ڪو اياز بين الاقواميت جي نفي ڪري ٿو، ليڪن هو پنھنجي تشخص تي ضرور زور ڏئي ٿو چاڪاڻ تہ ڪل جو تصور جزو کان بغير ممڪن نہ آهي ۽ اهو ”جزو“ ئي جيڪو ڪل، جو ڪارڻ آهي“.(7)

شيخ اياز جي هن افساني ۾ آزادي جو تصور تمام گھٽو ملي ٿو.هن ڪهاڻي ۾ انگريزن گورن وحشين خلاف نفرت وارو تاثر سمايل آهي. جنھن کي اياز پنھنجي گھري فڪري اڏام ۽ فن ذريعي نهايت ڪاميابيءَ سان بيان ڪيو آهي. غربت جي مجبوري حقن تي ڌاڙو، غلامي جي دور جي مجبورين جو عڪس هن ڪهاڻي ۾ شامل آهي. هي ڪهاڻي حقيقت نگاري جو بهترين نمونو آهي.

”سفيد وحشي! اسان جي زندگيءَ، غيرت ۽ محبت جا خوني! سفيد وحشي!! سفيد وحشي!!!“.(8)

اياز جي ڪهاڻين ۾ ترقي پسند تحريڪ جو اثر نمايان نظر اچي ٿو ۽ سندس لکڻين ۾ نون لاڙن ۽ رجحانن کي آساني سان ڏسي سگھجي ٿو. جنھن حوالي سان ڊاڪٽر غفور ميمڻ لکي ٿو تہ:

”شيخ اياز سنڌ جي فڪري سلسلي سان لاڳاپجڻ کان سواءِ نٿو رهي سگھي، جنھن وقت مسلمان ۽ هندن ۾ فرقي پرستي ۽ نفرت کي اياريو پئي ويو، ان وقت هن ”سفيد وحشي“ ڪهاڻي لکي عوام جي حقيقي دشمنن جي عڪاسي ڪئي“.(9)

شيخ اياز جي فني حوالي سان مختيار احمد ملاح لکي ٿو تہ:”شيخ اياز، سنڌي ڪهاڻيءَ ۾ پنھنجو رنگ پيدا ڪيو. اهو بلڪل نئون هو ۽ شايد ان وقت، اياز کان زياده ڪامياب افسانہ نگار، ٻيو ڪوبہ نہ هو. هن جي ڪهاڻين ۾، رومان ۽ حقيقت جو امتزاج ملي ٿو، جو روزاني زندگيءَ ۽ فطرت جي عين مطابق آهي، اياز جو اسلوب بيان ۽ طرز ادا بہ دلڪش آهي، ۽ اهڙيءَ شيرنيءَ سان ڀرپور ۽ منڙي زبان، شايد ڪنھن سنڌي افسانہ نگار استعمال ڪئي هجي“. (10)

اياز جي افسانن کي خاص طور تي ترقي پسندي واري لڙهيءَ ۾ پوپيل ڏسجن ٿا. شيخ اياز جو مقام اعليٰ درجي تي پهتل آهي. ورهاڱي کان اڳ ۽ پوءِ جي

ڪهاڻين ۾ فني جوڙجڪ ۽ ٽيڪنيڪ جي حوالي سان ڪهاڻيون تمام گهڻيون پختيون اٿس. ان وقت جي سنڌ جون سياسي، سماجي، ريتون، رسمون ۽ وڏيرا شاهي خلاف هڪ پختو آواز آهن. اياز جا سيئي افسانا پنهنجو مٽ پاڻ آهن. ان جو مثال سندس ڪهاڻي "نوران" ۾ ڏسي سگهجي ٿو.

"نوران الائي ڇو عزيز سان نه نهندي هئي. اٿندي ويهندي، عزيز جي گلا ڪندي هئي. رضيه ڪي هن جي خلاف پڙڪائيندي، ڳالهائيندي بگڙي تپي ويندي. پوءِ ته جهڙو تتو لوهه، جو آيو سو سيڪ ڪائي ويو. سندس نظرون چيبون ڪيدنديون هيون ۽ هوءَ مرد جي ساريءَ ذات تي پئي ڇوه چندبيندي هئي".(11)

شيخ اياز پنهنجن افسانن ۾ وڏيرن جي جيڪا ڪردار نگاري ڪئي سان پنهنجو مٽ پاڻ آهي ۽ اتي اياز وري غريبن، مسڪينن،ابوجهن ۽ هارين ڪي به ڪين وساري ٿو. ڪهاڻي "چار ايڪڙ ٻني" ۾ اياز جيڪا وڏيري جي ظلم جي داستان سان پري پئي آهي، تنهن ۾ هاري وٽ پئسو نه آهي، هو پنهنجي نياڻيءَ جي علاج لاءِ سوچي ٿو.

"اهو ابهم ٻار دوا دارون جي خرچ نه هئڻ ڪري مري ويندي، ڪيئي طبيب ڪيئي دوائون، پر هن وٽ پئسو ڪونه هو جو خريد ڪري. شايد انسان جي زندگيءَ ڪان پئسو وڏيڪ قيمتي آهي، شايد طبيب ڇتائڻ لاءِ نه پر ڪمائڻ لاءِ آهن شايد دوا شفا لاءِ نه پر بها لاءِ آهي، پيسي نه هئڻ ڪري، موت سندس جهوليءَ مان نياڻي ڪسي رهيو آهي".(12)

. "رفيق" افساني ۾ سماج جي دقيانوسي خيالن ۽ مروج قدرن جو اياز ڏاڍي اثرائتي نموني سان بيان ڪيو آهي. جنهن ۾ هڪ مسلمان ڇوڪري هندو ڇوڪري سان پيار ڪري ٿي، جنهن تي نجمه جا مائٽ ناراض ٿين ٿا ۽ ڪاوڙ ۾ سندس پاءُ هن جي مٽي جا وار ڪوڙي ڇڏي ٿو پر ان جي باوجود به موهن ڪيس پنهنجو ڪري ٿو. جنهن ۾ سماجي دقيانوسي خيالن جو اظهار ڇٽي نموني سان ٿيل آهي.

"رات منهنجي پاءُ ننڊ ۾ منهنجا وار ڪتري ڇڏيا، نجمه اکيون اگهندي چيو ۽ صبح سان چيائين ته ڇئو هاڻ ڪهڙو منهن ڪٽي ٻاهر ويندئن نه رهندو بانس نه وڄندي بانسري."

موهن جي چپن تي هڪ عجيب مرڪ راند ڪري رهي هئي هن پوتي ڪٽي نجمه جي مٽي تي رکي. "نجمي تون منهنجي زندگي جي رفيق آهين منهنجي محبت جو بنياد تنهنجي رفاقت تي آهي ۽ نه تنهنجي سونهن تي تون ته مون لاءِ اڃا به سهڻي آهين. هل ته اسين هينئر ئي سول ميريج ٽا ڪريون." (13)

هن افساني ۾ اياز سماجي تضاد ڪي بهتر نموني اپاريو آهي. هڪ طرف عورت جي تذليل ڪئي ٿي وڃي ته ٻئي طرف ان ڪي عزت پريو مقام ٿو ڏنو

وجي. اياز هن افساني ۾ اخلاقي قدرن کي به نمايان طور تي پيش ڪيو آهي ته جيڪي ماڻهو محبت ڪندا آهن اهي شڪل ۽ صورت سان نه پر روح سان چاهيندا آهن. هن افساني ۾ اياز سماجي قدرن ۽ راهه روين جي چٽي نموني سان عڪاسي ڪئي آهي. هر سچي قلمڪار ۽ ڪلاڪار جو اهو اصولي فرض ٿئي ٿو ته هو سماجي روايتن، قدرن ۽ سماجي مسئلن کي ڀرپور نموني سان ظاهر ڪري. اياز به دلڪش انداز ۾ مذهبي متڀيد کي هن افساني ۾ واضح ڪيو آهي، ته هڪ هندو ڇوڪرو مسلمان ڇوڪري سان ملي نٿو سگهي پيار نٿو ڪري سگهي. اياز جي افسانن جو بنيادي نڪتو پيار۽ محبت آهي، پر ان ۾ سماجي اڻ برابري، مذهبي متڀيد کي به نمايان ڪري پيش ڪيو آهي. اياز جي ڪهاڻين تي ڊاڪٽر قاضي خادم تبصرو ڪندي لکيو آهي ته :

”اياز جي ڪهاڻين تي نظر وجهڻ سان معلوم ٿئي ٿو ته هو شروع کان وٺي هڪ آدرشي انسان رهيو آهي، نه فقط ايترو پر هن جو مطالعو ايترو ته گهرو ۽ وسيع هو جو هن پنهنجي ڪهاڻين کي به ادب جي مروج وصف پٽاندر ئي لکيو.“ (14)

اياز جو مطالعو ۽ مشاهدو گهرو ۽ وسيع آهي جيڪو سندس افسانن ۾ نمايان طور تي نظر اچي ٿو. اياز سماج جي ڪيترن ئي مسئلن ۽ مونجهارن کي پنهنجن ڪهاڻين ۾ ڀرپور نموني سان ظاهر ڪيو آهي. اياز جي افسانن جي واضح خوبي اها اهي ته هو هر ڪهاڻيءَ ۾ سماجي تضادن کي اڀاري ٿو ۽ ڀرپور نموني سان انهن کي پيش ڪري ٿو. اياز سنڌي سماج جي خوبين ۽ خامين کي مفڪرانه انداز ۾ پيش ڪري ٿو. فني ۽ فڪري جوڙجڪ جي حوالي سان به اگر ڏسجي ته اياز جي ڪهاڻين ۾ ڪنهن به قسم جو جهول نظر نٿو اچي.

سندس ڪهاڻي ”شانتا“ سماج جي اڻ برابري، غربت ۽ اوچ نيچ کي ظاهر ڪري ٿي. هن ڪهاڻي ۾ اياز ڪيترن ئي تضادن کي اڀاريو آهي، هڪ طرف هڪ وئشيه عورت جيڪا بُرائيءَ واري ڌنڌي مان بيزار آهي ته ٻي طرف هو پنهنجي زندگيءَ ۾ روحاني سُڪون به چاهي ٿي. ڪيس عزت ڀري زندگي گذارڻ جي خواهش جاڳي ٿي. ان لاءِ هو ڪنهن ڀنگي سان به گڏ وڃڻ لاءِ تيار آهي، پر هن سماج ۾ ان کي هڪ ڀنگي به قبول ڪرڻ لاءِ تيار ناهي. چاڪاڻ ته هو هڪ وئشيه آهي، جيئن سندس ڪهاڻي ”شانتا“ جو هي مڪالمو آهي ته:

”رامون مون کي هتان ڪيڏانهن وٺي نه هلين؟ مان هتي بيزار ٿي پيئي آهيان.

جڻ حياتي وهه پيئي لڳي، هي بانس دونهين مڪر جي دنيا جڻ منهنجو ساهه نپوڙي رهي آهي، تون مون سان هل ته ڪيڏانهن ڀڄي هلون ڀري هن پاپ جي مايا کان ڀري هن ڪجسي جيون کان دور!“(15)

هن ۾ اياز ڪردار جي ذهني مونجهاري ۽ ڪشمڪش ڪي بيان ڪيو آهي. جنهن ۾ اياز اهو ڏيکاريو آهي ته هڪ رنڍي ڪي به ذهني سڪون گهرجي، روحاني تسڪين گهرجي ان لاءِ هو هڪ پنگي ڪي ايلاز ڪري ٿي، ته هن دوزخ جهڙي زندگيءَ مان ڇوٽڪارو ڏيار پر موٽ ۾ پنگي جو ڏنل جواب سندس دل ۽ دماغ تي بڙڇي وانگر لڳن ٿا.

”پر ماتما توکي سُکي رکي، مونکي زال آهي ٻار آهن، جي روز منائي ڪائي توکي آسيس ڪندا آهن، مان تکي ڪيڏانهن وٺي وڃان، رام سوامي ۾ مونکي هڪ جهوپڙي آهي جنهن ۾ نه بجلي آهي، نه غسل خانو، نه غاليچا، نه پلنگ! مان غريب توکي ڪٿان پالي سگهندس. ٻيو مونکي نيات وارا ڇا چوندا“ (16)

سندس ڪهاڻين مان سماج جي ذهني مونجهارن ۽ غلاظتن جو بيان واضع نموني سان ٿيل آهي. جنهن ۾ هڪ پنگي به چوي ٿو ته مون کي نيات وارا ڇا چوندا. يعني اڻ برابري، اوچ نيچ، غربت، مفلسي سمورن مسئلن کي شيخ اياز فنڪارانه انداز ۾ پيش ڪيو آهي. سندس افسانن ۾ جتي پيار، محبت جهڙا ڳُڻ به نمايان نظر اچن ٿا. اُتي سنڌ جي سياسي ۽ معاشي حالتن جي به بهتر نموني سان عڪاسي ٿيل ملي ٿي.

ائين به هر سچي تخليقڪار جو اهو فرض ٿئي ٿو ته هو پنهنجي آس پاس جي ماحول جو چڱي نموني سان مشاهدو ڪري ۽ ان جو گهرو اڀياس ڪري ان جو چٽو عڪس ڪڍي پيش ڪري ته جيئن پڙهندڙ جي دل ۽ دماغ تي نمايان اثر ڇڏي ۽ سماج جي ذهني اوسر ۾ پنهنجو ڪردار ادا ڪري. ائين شيخ اياز جي افسانن جا ڪردار به بلڪل حقيقي ۽ تخليقي آهن. جن ۾ سماج جي مثبت ۽ منفي لاڙن جو عڪس چٽي نموني سان پيش ڪيل آهي. ان حوالي سان ڊاڪٽر قاضي خادم شيخ اياز جي ڪهاڻين تي تبصرو ڪندي لکي ٿو ته :

”شيخ اياز سنڌ جي جديد ڪهاڻي جي ٻانين مان هڪ آهي؛ هن جون ڪهاڻيون اصلوڪيون ۽ نج سنڌي آهن، جن ۾ هن پنهنجي دور جي مڪمل عڪاسي ڪئي آهي، حالانڪ موجوده دؤر ۾ مختصر ڪهاڻيون هڪ جدا انداز اختيار ڪري چڪيون آهن، پر مقصد ۽ فڪر جي لحاظ کان شيخ اياز جون ڪهاڻيون اهو ثابت ڪرڻ لاءِ ڪافي آهن ته انگريزن جي تسلط واري دور ۾ به سنڌ جي بيباڪ اديبن پنهنجي خمير جو ساٿ ڏنو ۽ انقلابي ادب تخليق ڪيو.“ (16)

بنيادي طرح سان شيخ اياز سنڌي ادب ۽ ٻوليءَ جو تمام وڏو شاعرآهي، پر افساني جي صنف سان به شيخ اياز بهترين نموني سان نڀايو. سندس ڪردار به عام

رواجي ساده سوده انسان ۽ منظر ٻه حقيقي نموني جا پيش ڪيا اٿس. سندس ٻولي ٻه شاندار آهي. جنهن ۾ شاعراڻو چس تمام گهڻو ملي ٿو.

شيخ اياز پنهنجن افسانن ۾ سرمائيداري نظام جي مخالفت ڪندي نظر اچي ٿو ۽ ان جي ڪلم ڪلا مخالفت ڪري ٿو، ته سرمائيداراڻو نظام غريب ماڻهو جو دشمن آهي قاتل آهي. اياز وٽ تشبيهن ۽ استعارن جو استعمال جهجهو ملي ٿو. سنڌي افسانن ۾ سندس ڪيترائي اهم افسانا آهن. جن ۾ ڪارو رنگ، هي هاري، پاڙيسري، نظيران، شرابي، واچ جا ڪانٽا، مڪراني مسافر، ڪلڻي، سهڻي سير ۾، نوران، پهريون ۽ پويون خط، ٻروچڪي رت، هڪ شمع ٻه پروانا سندس افسانن ۾ سماج جي مختلف مسئلن ۽ احساسن جي نموني سان عڪاسي ٿيل آهي. ڪهاڻين جي ذريعي سماج جي ڪيترن ئي مسئلن ۽ مونجهارن ڪي اياز ڀرپور نموني سان پيش ڪيو آهي.

اياز فني ۽ فڪري حوالي سان من موهيندڙ ليکڪ آهي هن پنهنجي فني اڏام جا اعليٰ معيار قائم ڪري ڏيکاريا. اياز جو تخليقي ادب روح سان محسوس ڪرڻ جي شيءَ آهي.مجموعي طور ته چئي سگهون ٿا ته اياز جي ڪهاڻين ۾ سماج ۽ معاشري جي حقيقت نگاري جو پورو پورو عڪس ملي ٿو. ڪهاڻيون پنهنجي ڪردارن، ورتاءَ ۽ نتيجن ۾ باغيانه طور پڙهندڙ جي اڳيان اڀري اچن ٿيون.

## حوالا:


1. ميمڻ، غفور، ڊاڪٽر، سنڌي ادب جو فڪري پس منظر، شاھ لطيف چيئر، ڪراچي يونيورسٽي، ڪراچي، ڇاپو _ پهريون، سال _ 2002ع، ص _ 164
2. شيخ اياز،پنهل ڪان پوءِ ۽ جڳ مڙيوئي سپنو_ گڏيل ڪهاڻين جو مجموعو، نيو فيلڊس پبليڪيشنس،ٽنڊو ولي محمد، حيدرآباد، سنڌ، ڇاپو _ پهريون، سال _ فيبروري 1990ع، ص _ 9
3. جوڻيجو، عبدالجبار، ڊاڪٽر - سنڌي ادب جي تاريخ – جلد ٽيون – ڇاپو پهريون 2006ع - سنڌي لئنگويج اٿارٽي، حيدرآباد، سنڌ - ص: 74
4. قاضي خادم، ڊاڪٽر:”شيخ اياز _ سنڌي ادب جو بنيادي ڪهاڻيڪار“، سهڻي _ شيخ اياز نبمر _ مارچ 1990ع، ص _ 68
5. انور فگار هڪڙو، شيخ اياز شخصيت اور فن، اڪادمي ادبيات پاڪستان، اسلام آباد، سال، 2006ع، ص 67
6. شيخ اياز، سفيد وحشي، مهاڳ، باغي پبليڪيشن، ڪراچي، ڇاپو _ پهريون، سال 1947ع، ص _ 6

7. جامي چانڊيو، مرتب، شيخ اياز سنڌي ادب ۾ تنقيد، انتالاجي، حصو پهريون، مضمون اياز جي شاعري هڪ مطالعو، امير علي چانڊيو، سنڌيڪا اڪيڊمي، ڪراچي، سال 1998ع، ص 351
8. شيخ اياز، پنهل ڪان پوءِ ۽ جڳ مڙيوئي سپنو_ گڏيل ڪهاڻين جو مجموعو، نيو فيلڊس پبليڪيشنس،ٽنڊو ولي محمد، حيدرآباد، سنڌ، ڇاپو _ پهريون، سال _ فيبروري 1990ع، ص _51
9. ميمڻ، غفور، ڊاڪٽر، سنڌي ادب جو فڪري پس منظر، شاهه لطيف چيئر، ڪراچي يونيورسٽي، ڪراچي، ڇاپو _ پهريون، سال _ 2002ع، ص _ 164
10. ملاح، مختيار احمد، سنڌي ڪهاڻي جي مختصر تاريخ، ثقافت ۽ سياحت کاتو، حڪومت سنڌ، ڇاپو _ پهريون، سال _ مئي 2015ع، ص _ 165
11. شيخ اياز،پنهل ڪان پوءِ ۽ جڳ مڙيوئي سپنو_ گڏيل ڪهاڻين جو مجموعو (ڪهاڻي _ نوران)، نيو فيلڊس پبليڪيشنس،ٽنڊو ولي محمد، حيدرآباد، سنڌ، ڇاپو _ پهريون، سال _ فيبروري 1990ع، ص _16
12. شيخ اياز،پنهل ڪان پوءِ ۽ جڳ مڙيوئي سپنو_ گڏيل ڪهاڻين جو مجموعو (ڪهاڻي _ چار ايڪڙ ٻني)، نيو فيلڊس پبليڪيشنس،ٽنڊو ولي محمد، حيدرآباد، سنڌ، ڇاپو _ پهريون، سال _ فيبروري 1990ع، ص _114
13. شيخ اياز، جي تند برابر توريان، ڪهاڻي ”رفيق“، سال 1998ع، ص 43
14. ساڳيو ص 18
15. ساڳيو ص 52
16. ساڳيو ص 52
17. ساڳيو ص 22